SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 1996

# SINDH ACT NO.IX OF 1996

# سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 1996

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ACT, 1996

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of Section 3 of Sindh Ordinance No.XII of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ 10 جي ترميم
Amendment of Section 10 of Sindh Ordinance No.XII of 1979

4. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ ڪجهہ دفعات جي ترميم
Amendment of Certain Sections of Sindh Ordinance No.XII of 1979

5. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ 20 جي ترميم
Amendment of Section 20 of Sindh Ordinance No.XII of 1979

6. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ 38 جي ترميم

Amendment of Section 38 of Sindh Ordinance No.XII of 1979

7. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ 40 جي ترميم

Amendment of Section 40 of Sindh Ordinance No.XII of 1979

8. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ 53 جي ترميم

Amendment of Section 53 of Sindh Ordinance No.XII of 1979

9. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ 60 جي ترميم

Amendment of Section 60 of Sindh Ordinance No.XII of 1979

10. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ 81 جي ترميم

Amendment of Section 81 of Sindh Ordinance No.XII of 1979

11. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ 96 جي ترميم

Amendment of Section 96 of Sindh Ordinance No.XII of 1979

12. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ 105 جي ترميم

Amendment of Section 105 of Sindh Ordinance No.XII of 1979

13. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي شيڊولز جي ترميم

Amendment of Schedules of Sindh Ordinance No.XII of 1979

14. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي شيڊول II جي ترميم

Amendment of Schedule II of Sindh Ordinance No.XII of 1979

15. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي شيڊول V جي ترميم

Amendment of Schedule V of Sindh Ordinance No.XII of 1979

# سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 1996

# SINDH ACT NO.IX OF 1996

## سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 1996

## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ACT, 1996

[24 اپريل 1996]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 1996 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of Section 3 of Sindh Ordinance No.XII of 1979

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن کي هن ڪانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 3 ۾:

(i) شق (14) لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

(14) "ڪنٽرولنگ اٿارٽي" مطلب هيٺين صورت ۾:

(a) ڊسٽرڪٽ ميونسپل ڪارپوريشن ڪانسواءِ ڪارپوريشن، حڪومت؛

(b) ضلعي ميونسپل ڪارپوريشن، ميونسپل ڪميٽي يا

ضلعي ڪائونسل، ڪمشنر؛

(c) ٽائون ڪميٽي يا يونين ڪائونسل، ڊپٽي ڪمشنر؛

(14_A) "ڪارپوريشن" مطلب ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن، ضلعي ميونسپل ڪارپوريشن يا ميونسپل ڪارپوريشن".

(ii) شق (19) کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(20) "ضلعي ميونسپل ڪارپوريشن" مطلب آرڊيننس تحت شهر ۾ جوڙيل هڪ ضلعي ميونسپل ڪارپوريشن."

1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ 10 جي ترميم

Amendment of Section 10 of Sindh Ordinance No.XII of 1979

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 10 ۾:

(a) ذيلي دفعہ (1) جي شق (a) جي ذيلي شق (iii) ۾، شرطيہ بيان لاءِ هيٺين شرطيہ بيان جو اضافو ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ ڪراچي شهر ۾ ۽ ڪنهن ٻئي شهر ۾ جيڪو حڪومت طرفان ڄاڻايو ويو هجي، اتي هڪ ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن هوندي ۽ هر ضلعي لاءِ هڪ ضلعي ميونسپل ڪارپوريشن هوندي."

(b) ذيلي دفعہ (2) ۾، لفظن "ضلعي ڪائونسل" لاءِ لفظن "ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن يا ضلعي ڪائونسل" کي متبادل بڻايو ويندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ ڪجهہ دفعات جي ترميم

Amendment of Certain Sections of Sindh Ordinance

4. دفعہ 19، 21، 41، 49، 53، 55، 56، 72، 73، 74، 77، 92، 93 ۽ 94 ۾، لفظ "حڪومت" کي لفظن "ڪنٽرولنگ اٿارٽي" سان متبادل بڻايو ويندو.

No.XII of 1979

1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ 20 جي ترميم

Amendment of Section 20 of Sindh Ordinance No.XII of 1979

5. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 20 ۾، ذيلي دفعہ (1) لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(1) ڪو بہ ماڻهو هڪ ئي وقت هڪ ڪان وڌيڪ ڪائونسلن يا ساڳي ڪائونسل جي هڪ ڪان وڌيڪ اليڪٽورل يونٽ جو ميمبر نہ هوندو، اهو ئي ضلعي ميونسپل ڪارپوريشن جي ميمبر تي ان جي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي ميمبر ٿيڻ تي لاڳو ٿيندو."

6. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 26 ۾، ذيلي دفعہ (2) کانپوءِ هيٺيون نئون ذيلي دفعہ شامل ڪيو ويندو:

"(3) ضلعي ميونسپل ڪارپوريشن جو ميئر يا ڊپٽي ميئر ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن جو ميئر يا ڊپٽي ميئر ٿيڻ تي عهدو نہ رکي سگهندا."

1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ 38 جي ترميم

Amendment of Section 38 of Sindh Ordinance No.XII of 1979

7. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 38 ۾:

(i) موجود شرطيہ بيان کان اڳ، هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن جا ميمبر هر ضلعي ميونسپل ڪارپوريشن طرفان ان جي ميمبرن منجهان سينيٽ جي چونڊن جيان مناسب نمائندگي جي حساب سان چونڊيا ويندا.

(ii) موجود شرطيہ بيان ۾ لفظ "بشرطيڪ" ۽ لفظ "تہ" وچ ۾ لفظ "وڌيڪ" کي شامل ڪيو ويندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ 40 جي ترميم

8. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 40 جي ذيلي دفعہ (1) ۾:

(a) لفظ ۽ ڪاما "ڪارپوريشن،" ۽ لفظن "ميونسپل ڪميٽي" وچ ۾ لفظن ۽ ڪاما "ضلعي ميونسپل

ڪارپوريشن،" ڪي شامل ڪيو ويندو.

(b) شرطيہ بيان لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"بشرطيڪ ڪا بہ ڪارپوريشن اهڙا ڪم نہ ڪندي جيڪي قانون موجب قائم ڪيل ڊولپمينٽ اٿارٽي کي اهڙي ڪارپوريشن جي حدن ۾ ڪرڻ لاءِ سونپيا ويا هجن، جيستائين ڊولپمينٽ اٿارٽي کي تحليل نہ ڪيو وڃي.

بشرطيڪ وڌيڪ تہ حڪومت ڪنهن بہ وقت تي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن کان ڪنهن ضلعي ميونسپل ڪارپوريشن جا ڪم اهڙين شرطن موجب ڪرائي سگهي ٿي، جيئن حڪومت بيان ڪري."

Amendment of Section 40 of Sindh Ordinance No.XII of 1979

9. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 53 جي ذيلي دفعہ (4) ۾، لفظن "ان جي خلاف" کانپوءِ لفظن "حڪومت ڏانهن" کي شامل ڪيو ويندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ 53 جي ترميم

Amendment of Section 53 of Sindh Ordinance No.XII of 1979

10. (1) ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 60 ۾:

(a) ذيلي دفعہ (1) جي شرطيہ بيان ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ وڌيڪ تہ جتي ٽيڪس، ٽول يا فيس ٻنهي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن ۽ ضلعي ميونسپل ڪارپوريشن طرفان لاڳو ڪري سگهجن ٿا اتي ضلعي ميونسپل ڪارپوريشن اهڙي ٽيڪس، ٽول نہ لڳائيندي سواءِ ميٽرو پوليٽن

1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ 60 جي ترميم

Amendment of Section 60 of Sindh Ordinance No.XII of 1979

ڪارپوريشن جي منظوريءَ جي:

بشرطيڪ اهو بہ تہ حڪومت ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن کي ضلعي ميونسپل ڪارپوريشن طرفان لاڳو ڪري سگهجندڙ ڪا ٽيڪس، ريٽس، ٽول يا فيس اهڙين شرطن موجب لاڳو ڪرڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿي، جيئن حڪومت بيان ڪري.".

(b) ذيلي دفعہ (1) کانپوءِ، هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:

"(2) ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن پنهنجي وصول ڪيل ٽيڪسز، ريٽس، ٽول يا فيس جو حصو ضلعي ميونسپل ڪارپوريشنز کي اهڙيءَ نسبت سان ڏيندي جيئن حڪومت طرفان طئي ڪيو ويو هجي.".

1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ 81 جي ترميم

Amendment of Section 81 of Sindh Ordinance No.XII of 1979

11. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 81 جي ذيلي دفعہ (1) ۾:

(i) هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن ۽ ڪراچي ۾ ضلعي ميونسپل ڪارپوريشنز جي ملازمن لاءِ هڪ ملازمتي ڍانچو جوڙي ويندو جنهن کي يونيفائيڊ ميونسپل سروس سڏيو ويندو، جيڪا ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن ۾ حڪومت طرفان جوڙيل سروس بورڊ طرفان ڄاڻايل طريقي موجب هلائي ويندي، جنهن ۾ ضلعي ميونسپل ڪارپوريشن جي جوڳي نمائندگي هوندي."

(ii) موجود شرطيہ بيان ۾، لفظ "بشرطيڪ" ۽ لفظ "تہ" وچ ۾ لفظ "وڌيڪ" کي شامل ڪيو ويندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII

12. ڄاڻايل آرڊيننس ۾، دفعہ 96 لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

جي دفعہ 96 جي ترميم
Amendment of Section 96 of Sindh Ordinance No.XII of 1979

"96 **اختيارن جي منتقلي.** ڪنٽرولنگ اٿارٽي هن باب تحت پنهنجي اختيارن منجهان ڪي بہ اختيار ڪنهن شخص کي منتقل ڪري سگهي ٿي."

1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعہ 105 جي ترميم
Amendment of Section 105 of Sindh Ordinance No.XII of 1979

13. ڄاڻايل آرڊيننس ۾، دفعہ 105 کانپوءِ، هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:

"105_A. **ڪنٽرولنگ اٿارٽي کي هدايت ڏيڻ جا حڪومت جا اختيار.** سواءِ ان جي جتي حڪومت ڪنٽرولنگ اٿارٽي آهي، جيڪڏهن حڪومت جي خيال ۾ ڪنٽرولنگ اٿارٽي طرفان ڪجهہ قانون جي خلاف ڪيو ويو آهي يا ڪرڻ جو ارادو ڪيو ويو آهي يا عوامي مفاد خلاف آهي، حڪومت حڪم ذريعي ڪنٽرولنگ اٿارٽي طرفان ڪنهن حڪم تي عمل کي ملتوي ڪري سگهي ٿي، ڪجهہ ڪرڻ کان منع ڪري سگهي ٿي ۽ ڪنٽرولنگ اٿارٽي کي اهڙو قدم کڻڻ لاءِ چئي سگهي ٿي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

105_B. **يوٽيلٽي بورڊ.** (1) حڪومت يوٽيلٽي بورڊس جوڙي سگهي ٿي، جيڪي چيئرمين ۽ اهڙن سرڪاري ۽ غير سرڪاري ميمبرن تي مشتمل هوندا، جنهن ۾ پبلڪ يوٽيلٽي سروس ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ نمائندا بہ شامل هوندا، جيئن ان طرفان مقرر ڪيا وڃن، اهڙن علائقن ۾ جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**وضاحت.** هن دفعہ جي مقصد لاءِ، محاوري "پبلڪ يوٽيلٽي سروس" ۾ شامل آهي عوام کي بجلي، گئس يا پاڻي جي

فراهمي ۽ عوام جي ضرورت ۽ صحت ۽ صفائي جو ڪو نظام.".

1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي شيڊولز جي ترميم
Amendment of Schedules of Sindh Ordinance No.XII of 1979

14. شيڊول I ۾:

(1) نمبر 1 جي سامهون داخلائن لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

| | |
|---|---|
| "1.ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن | 90 ميمبر. (ميئر، ڊپٽي ميئر ۽ 13 ميمبر جنرل سيٽن تي چونڊيل، 3 ميمبر اسپيشل سيٽن تي، هارين/ورڪرس، عورتن ۽ اقليتن هر هڪ لاءِ هڪ ميمبر، هر هڪ ضلعي ميونسپل ڪارپوريشن مان) |
| 1.A. ضلعي ميونسپل ڪارپوريشنز" | هر ضلعي ميونسپل ڪارپوريشن لاءِ ميمبرن جو اهڙو انگ جيئن حڪومت طرفان طئي ڪيو وڃي. |

(ii) جريان نمبر 2 جي سامهون داخلا ۾، لفظن "ڪارپوريشنز ۽ ميونسپل ڪميٽيز" وچ ۾ لفظ "ضلعي ميونسپل ڪارپوريشن ڪانسواءِ" شامل ڪيا ويندا.

1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي شيڊول II جي ترميم
Amendment of Schedule II of Sindh Ordinance

15.ڄاڻايل آرڊيننس ۾، شيڊول II لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

**حصو-I**

**"ڪم جيڪي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن طرفان ئي خاص طور تي ڪيا ويندا"**

1. ضلعي جي روڊن، پلين، اسٽريٽ لائيٽس ۽ برساتي نالن جي منصوبابندي، ترقي ۽ مرمت.

No.XII of 1979

2. اسپيشل ڊولپمينٽ پروگرام
3. ضلعي اندر سمورن ترقياتي/مرمتي ڪمن جي ڪوآرڊينيشن، مانيٽرنگ ۽ سپرويزن
4. حڪومت طرفان ڄاڻايل ڪوس گهرن ۽ ڪيٽل ڪالونيز جي مرمت
5. ميڊيڪل ڪاليج ۽ ٽيچنگ/خصوصي اسپتالون جهڙوڪ ڪراچي ميڊيڪل ۽ ڊينٽل ڪاليج، عباسي شهيد اسپتال، سوپراج ميٽرنٽي هوم، سرفراز شهيد اسپتال، اسپينسرس آئي هاسپيٽل
6. ڪوڙهه جي اسپتال ۽ اهڙا ٻيا ادارا جيئن حڪومت طرفان بيان ڪيا وڃن
7. زولاجيڪل گارڊنس، سفاري پارڪ، اڪويريم، اسپورٽس ڪامپليڪس ۽ بيچز
8. آرٽ گيلري، ميوزيم ۽ ميٽروپوليٽن لائبريري
9. ميونسپل واچ اينڊ وارڊ
10. باهه وسائڻ واريون خدمتون
11. سول ڊفينس
12. ٽرئفڪ انجنيئرنگ
13. ڪير جي فراهمي جون اسڪيمون
14. لينڊ ڪنٽرول/حددخليون هٽائڻ
15. سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ
16. قومي ڏينهن ملهائڻ
17. پرڏيهي معززين/خاص مهمانن جي آجيان
18. ڪوپيو فنڪشن جيڪو حڪومت سونپي

حصو I_A

**ڪم جيڪي ضلعي ميونسپل ڪارپوريشنز طرفان ئي ڪيا ويندا**

ميونسپل ڪيمٽين جا سمورا ڪم سواءِ انهن جي جيڪي حصي ـI ۾ آهن

16.ڄاڻايل آرڊيننس جي شيڊول V ۾:

(a) حصي ـI لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو

**حصو ـI**

**ٽيڪس، ريٽس، ٽولس ۽ فيس جيڪي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن طرفان لاڳو ڪيا ويندا**

1. ڪراچي ميٽرو پوليٽن ايريا ۾ شين جي آمدني، استعمال يا وڪري تي ٽيڪس
2. فائر ٽيڪس
3. ڪنزرونسي ٽيڪس
4. ڊرينيج ٽيڪس
5. جانور ڪهڻ لاءِ فيس

**حصو ـIA**

**ضلعي ميونسپل ڪارپوريشنز طرفان لاڳو ٿيندڙ ٽيڪسز، ريٽس، ٽرولس ۽ فيس**

ميونسپل ڪميٽين طرفان هن آرڊيننس تحت وصولي لائق سموريون ٽيڪسز سواءِ ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن طرفان لاڳو ڪيل ۽ وصول ڪيل ٽيڪسز جي.

(b) حصي ـII جي عنوان لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

**"ميونسپل ڪميٽيز ۽ ٽائون ڪميٽيز ۽ ڪارپوريشن طرفان لاڳو ٿيندڙ ٽيڪسز، ريٽس، ٽولس، ۽ فيس سواءِ ميٽروپوليٽن**

1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي شيڊول V جي ترميم

Amendment of Schedule V of Sindh Ordinance No.XII of 1979

**ڪارپوريشن جي."**

17.جيستائين ڪجهه سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 جي متضاد نه هجي:

(a) ضلعي ميونسپل ڪارپوريشنز لاءِ اليڪٽورل يونٽس حڪومت طرفان واضح ڪيا ويندا؛

(b) سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 1996 جي لاڳو ٿيڻ کان فوري اڳ ڪم ڪندڙ ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن ڪم جاري رکندي جيستائين ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن ۽ ضلعي ميونسپل ڪارپوريشن جوڙيون وڃن ۽ ڪم شروع ڪن؛

(c) ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن حڪومت جي منظوري سان، ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن ۽ ضلعي ميونسپل ڪارپوريشنز جي سلسلي ۾ مالي سال 96_1995 لاءِ ڪٽيل آمدني ۽ خرچ جو بيان تيار ڪندي؛

(d) حڪومت اثاثا ۽ وسيلا بشمول منقوله ۽ غير منقوله ملڪيت جي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن ۽ ضلعي ميونسپل ڪارپوريشن ۾ اهڙي طريقي ۽ اهڙي نسبت سان ورهائي سگهي ٿي جيئن مناسب سمجهي ۽ ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن ۽ ضلعي ميونسپل ڪارپوريشن ۾ خدمتون سرانجام ڏيڻ لاءِ عملدار ۽ ملازم مقرر ڪري سگهي ٿي.

(e) هن ايڪٽ جي گنجائشن تي عملدرآمد ڪرڻ جي سلسلي ۾ جتي ڪا ڏکيائي سنڌ مڪاني

حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 1996 جي لاڳو ٿيڻ جي ٻارنهن مهينن اندر پيش اچي ٿي، حڪومت اهڙي ڏکيائي کي هٽائڻ لاءِ خاص هدايتون جاري ڪري سگهي ٿي.

**نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**